

اُجارو جيون
(شاعري)
سومار ”سنگم“ مگڻهار
ڇپائيندڙ:
السنگم ادبي ست ٽنڊو محمد خان

اُجارو جيون

﴿شاعري﴾

سنڌي ٻوليءَ جي ٻاونجاھہ اکريءَ ۾ ترتيب ڏنل شاعري

﴿سنڌوءَ حرفي﴾

سومار "سنگم" مڱڻهار

چپائيندڙ:

السنگم ادبي سٿ ٽنڊو محمد خان

ڊجيٽل ايڊيشن:

2018ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو	:	**اُڃارو جيون**
ليکڪ جو نالو	:	سومار ”سنگم“ مگڻهار
موضوع	:	شاعري
ڇاپو	:	پهريون
تعداد	:	1000 هڪ هزار
قيمت	:	200 سئو روپيا
سال	:	جون 2017ع
ڇپائيندڙ	:	السنگم ادبي سٿ ٽنڊو محمد خان
سهڪار	:	سنڌي ادبي سنگت، ٽنڊو محمد خان
ڇپيندڙ	:	ساحل پرنٽر اينڊ پبلشر حيدرآباد 03332634650

ڪتاب جي ملڻ جو هنڌ

❖ مگڻهار هائوس پيپلز ڪالوني ٽنڊو محمد خان
فون نمبر : 0342_3613354

ارپنا

پياري پُٽ
احسان علي، ڀاءُ تاج محمد
۽
ڀائيٽي صائمہ مگڙهار
جي نانءُ

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **"اجارو جيون"** اوهان اڳيان پيش آهي. سنڌي ٻوليءَ جي ٻاونجاهه اکريءَ ۾ ترتيب ڏنل شاعري (سنڌوءَ حرفي) تي مشتمل هن خوبصورت مجموعي جو تخليقڪار **سومار سنگم مڱڻهار** آهي.

سومار سنگم جي شاعري ۾ چاڻت چِت ۾ پائي سَنهُون ڪتڻ جي ڪوشش نه ڪئي ويئي آهي . پر محبت مَن ۾ پائي نه هئڻ جي جاءِ تي، ڪجهه هئڻ جي احساس سان پرپور رنديا روڙڪيل آهي .

هي ڪتاب **السنگم ادبي سٿ ٽنڊو محمد خان پاران**، سنڌي ادبي سنگت ٽنڊي محمد خان پاران 2017ع ۾ ساحل پرنٽر اينڊ پبلشر حيدرآباد وٽان ڇاپيو ويو. ٿورائتا آهيون سائين سومار سنگم جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سيني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڄاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

فهرست

س #	عنوان	لکندڙ	صفحو
01	سنگم دردجو عڪاس شاعر ﴿مهاڳ﴾	مشڪور ڦلڪارو	06
02	سنگم سومار نئين ٿهي جو اڀرندڙ شاعر	حڪيم محمد يوسف کتري	12
03	سنگم ساهه جهڙو منو ماڻهو	سارنگ شاهه	15
04	زندگـيءَ جـو سـفر	سومار ”سنگم“ مگڻهار	17

سنڌي ٻوليءَ جي ٻاونجاهه اکريءَ ۾ ترتيب ڏنل شاعري

﴿سنڌو حرفي﴾

❖	الف ـ (غزل، وائی)	21	❖	ز ـ (غزل، وائی)	73
❖	ب ـ (غزل، وائی)	25	❖	س ـ (غزل، وائی)	75
❖	ٻ ـ (غزل، وائي)	28	❖	ش ـ (غزل، وائي)	77
❖	ڀ ـ (غزل، وائي)	30	❖	ص ـ (غزل، وائي)	79
❖	ت ـ (غزل، وائي)	33	❖	ض ـ (غزل، وائي)	81
❖	ٿ ـ (غزل، وائی)	35	❖	ط ـ (غزل، نظم)	82
❖	ٽ ـ (غزل، وائی)	37	❖	ظ ـ (غزل، نظم)	83
❖	ٺ ـ (غزل، وائی)	39	❖	ع ـ (غزل، وائی)	85
❖	ث ـ (غزل، وائی)	41	❖	غ ـ (غزل، وائی)	87
❖	پ ـ (غزل، وائي)	43	❖	ف ـ (غزل، وائي)	89
❖	ج ـ (غزل، وائي)	45	❖	ڦ ـ (غزل، وائي)	92
❖	ڄ ـ (غزل، وائي)	47	❖	ق ـ (غزل، وائي)	93

❖	جھ ـ (غزل، وائي)	49	❖	ڪ ـ (غزل، وائي)	96
❖	ڃ ـ (غزل، وائي)	51	❖	ک ـ (غزل، وائي)	98
❖	چ ـ (غزل، وائي)	53	❖	گ ـ (غزل، وائي)	100
❖	ڇ ـ (غزل)	55	❖	ڳ ـ (غزل، وائي)	102
❖	ح ـ (غزل)	57	❖	گھ ـ (غزل، وائي)	104
❖	خ ـ (غزل، وائي)	59	❖	ڱ ـ (غزل، وائي)	106
❖	د ـ (غزل، وائي)	61	❖	ل ـ (غزل، وائي)	108
❖	ڌ ـ (غزل، وائي)	63	❖	م ـ (غزل، وائي)	110
❖	ڏ ـ (غزل، وائي)	65	❖	ن ـ (غزل، وائي)	112
❖	ڊ ـ (غزل)	66	❖	ڻ ـ (غزل، وائي)	114
❖	ڍ ـ (غزل، وائي)	67	❖	و ـ (غزل، وائي)	116
❖	ذ ـ (غزل، وائي)	68	❖	ھ ـ (غزل، وائي)	118
❖	ر ـ (غزل)	69	❖	ء ـ (غزل، وائي)	121
❖	ڙ ـ (غزل)	71	❖	ي ـ (غزل، وائي)	123

سنگم درد جو عڪاس شاعر ﴿مهاڳ﴾

زندگي جتي ڪوڙ ساريون معنائون رکي ٿي، اتي هيئڻ جو احساس ئي زندگي جو اصل مقصد آهي. جتي جيئرو رهڻ، کائڻ پيئڻ، آرام ۽ آسائش جي ڳولا ۾ رت ولوڙڻ ۽ پاڻ کان ٻاهر نڪري نہ سوچڻ، پنهنجي ذات تائين محدود رهڻ ، زندگي جي حسن کي لانجهو ڪن ٿا. اتي جيئڻ سان گڏ جاڳڻ، پنهنجي وات جو گرهہ ٻئي جي ضرورت تي قربان ڪرڻ، پنهنجي نيڻن جي ننڊ ڦٽائي، سماج جي ناسورن جا ڦٽ سڪائڻ لاءِ ڪجھہ ڪرڻ ئي زندگي جو ازلي حسن آهي. خاموشي موت جو نالو ۽ هلچل زندگي جو نالو آهي. زندگي هٿ تي هٿ رکي ويهڻ بجاءِ ڪجھہ ڪرڻ جو نالو آهي. انهي ئي ضرورت جي اهميت کي محسوس ڪندي، بلنگز اهو چيو هو تہ، ”انسان هتي ڪجھہ ڪرڻ لاءِ پيدا ٿيو آهي ، جيڪڏهن هو ڪا چڱائي نہ ٿو ڪري سگهي ، تہ برائي بہ ڪري ، وقت جي رڪارڊ ۾ پنهنجو نالو لکائي . گمنامي جي موت مرڻ کان بهتر آهي تہ ، انسان ڄمي ئي نہ .“

ڪجھہ ڪرڻ سان ئي ، ماڻهو تاريخ جي دفتر ۾ پنهنجو نالو لکائي سگهي ٿو. پوءِ وقت جي ساهمي ۾ انهي ڪيل عمل جي تور تڪ ٿيندي آهي . تاريخ جي رڪارڊ ۾ بري يا ڀلي عمل ڪرڻ وارن جي لسٽ موجود آهي . ماڻهو جا عمل توري انهي لسٽ ۾ اضافو ڪيو ويندو آهي . تاريخ جي بي رياءَ عدالت ئي عملن جي نتيجن کي ڏسي ، پنهنجي فيصلن جا تاج گذري ويل ماڻهن جي سرن تي رکي ڇڏيا آهن . جن کي ڏسي پوئنر سندن ياد ملهائين ٿا . ڪنهن بہ ڪم جي نتيجي جي تورتڪ بروقت ڪرڻ مشڪل آهي . عملن جي نتيجن جو وزن ڪجھہ عرصي بعد ئي ظاهر ٿيندو آهي . پوءِ انهي وزن آهر انهي ماڻهو کي امرتا ملندي آهي . اهوئي سبب آهي ، جو پنهنجي وقت جي نامور حڪمرانن جا ڪيل عمل تاريخ جي ڪٻاڙخاني ۾ سندن پوئنرن لاءِ شرمساري جو سبب آهن . پر پنهنجي وقت جي مسڪين ۽ توجھہ نہ ڇڪائيندڙ فقيرن جا عمل وقت جي پارس سان سڄجي سونا ٿي پيا آهن . اهوئي سبب آهي جو تاريخ جي رڪارڊ ۾ نامور بادشاهن جا ڪنڌ پنهنجي دور جي فقيرن جي قدمن ۾ جهڪيل آهن .

تاريخ ۾ نالي لکائڻ لاءِ ماڻهو جي عملن کان وڌيڪ ماڻهن جي ثابت قدمي وڌيڪ ڪمائتي ثابت ٿيندي آهي. ڪي ماڻهو پنهنجي عملن جي پاڙ تورتڪ ڪندا آهن. سندن خود تنقيدي عمل جي غلطي کين گهڻو پوئتي ڇڏي ويندي اهي. سنهي ڪتڻ جي خفقان ۾ هو پنهنجي زندگي وڃائي گمنامي جي موت مري ويندا آهن . پر ڪي ماڻهو پنهنجي اهڙي حال سارو بہ سنهي ڪتڻ جي آسري ۾ وقت وڃائڻ بدران ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪري ويندا آهن . سندن انهي ڪيل عمل سان هو تاريخ جي رڪارڊ ۾ نالو لکائي، گمنامي جي لعنت کان بچندي، پويان پنهنجو نالو يادگيري لاءِ ڇڏي ويندا آهن. انهي بابت شاهہ سائين ڪيڏو نہ معنيٰ خيز نياپو ڇڏي ويو آهي .

چائٺ پائي ڇِت ۾، سَنهُون ڪَتِيو جن،
تن جو صَرافن، ڏُکو داخل نہ ڪيو!
محبت پائي مَن ۾، رَنڊا روڙيا جن،
تن جو صَرافن، اڻ توريو اگهائيو. (شاهہ)

اهي مٿيان ٻئي بيت زندگي جي عمل جا رهنما اصول آهن . جن تي عمل ڪندي سومار سنگم پنهنجي شاعري جو هي ٻيون ڪتاب اُجارو جيون منظرِ عام تي آندو آهي . جنهن جي مهاڳ لکڻ لاءِ مون کي حڪم ڪيو اٿس.

سومار سنگم جي شاعري ۾ چائٺ ڇِت ۾ پائي سَنهُون ڪتڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويئي آهي . پر محبت مَن ۾ پائي نہ هئڻ جي جاءِ تي ، ڪجهہ هئڻ جي احساس سان ڀرپور رنڊا روڙ ڪيل آهي . هن ڪتاب سان نہ صرف سومار سنگم جي شاعري جو ٻيون ڪتاب ميدان ۾ اچي، سندس صاحبِ ڪتاب هئڻ واري اعزاز کي ٻيڻو ڪندو . نہ صرف سنڌي ڪتابن جي لسٽ ۾ هڪ وڌيڪ ڪتاب جو اضافو ٿيندو . پر سندس رنڊا روڙ ، سندس ثابت قدمي ۽ فيصلي جي قوت سبب ، سندس دور جي ڪيترن ئي سنهون ڪتيندڙ شاعرن کان کيس اڳتي ڪڍي ويندي . مون کي ذاتي طور خبر آهي تہ سندس ڪيترن ئي خيرخواهن سندس شاعري جي فني خامين جي نشاندهي ڪندي، کيس ڪتاب منظر عام تي آڻڻ کان روڪيو پئي . پر

هن پنهنجي روڙيل رنڍن کي نيٺ ميدان ۾ آڻي ئي ڇڏيو.

هن ڪتاب ۾ شامل سومار سنگم جي شاعري جي فني گهاڙي ٽن جي خامين تي، يا لفظن جي اُبهام بابت ته ڪو جڳاندري شاعر اڳتي هلي تنقيد ته ڪري سگهي ٿو، پر سومارسنگم جي حقيقي مشاهدن ۽ حالتن جي عڪاسي، مجبورن جي دلين ۾ ٻاريل روشني جي ڏيئن کان انڪار نه ڪري سگهندو. سومار شاعري جي فني پيچيدگين کان واقف نه هجڻ جي باوجود به پنهنجي شاعري ۾ جام مينا اوتڻ بجاءِ، درد جي عڪاسي ڪندڙ شاعر آهي. سندس شاعري ۾ محبوب جي رتامي ڳلن، لالي لاتل لبڙن، ڪنڍن ڪارن ڪاڪلن جي ڪوڙڪين جي مانداڻ جي جاءِ تي، هڙٻانيون نڪتل مهانڊن جي درد جي عڪاسي ضرور ٿيل آهي. هو پنهنجي وقت جو اهو شاعر آهي. جنهن زندگي جي درد کي نه صرف ڀوڳيو آهي، پر انهي تي رت جا ڳوڙها به ڳاڙيا آهن. هو درد سان عشق ڪندڙ اهو سجاڳ شاعر آهي.جنهن دردن جو انت آڻيندڙ جدوجهد ۾ شامل ٿيڻ لاءِ وڏي واڪي سڏ به ڪيا آهن.

حقيقت ۾ سومار سنگم جتي درد جو عڪاس شاعر آهي. اتي نواڻ پسند به آهي. هن جڏهن منهنجي شاعري جي سنڌي ٻولي جي پهرين ٻاونجاهه اکري سنڌي ادبي سنگت ٽنڊو محمدخان جي ڪلاسن ۾ ٻڌي، ته کيس به شوق پيدا ٿيو ،ته هو به ٻاونجاهه اکري لکي سنڌي ٻولي جي تاريخ ۾ ٻاونجاهه اکري لکندڙ شاعر جو اعزاز ماڻي. حالانڪ منهنجي سنڌي ٻولي جي ٻاونجاهه اکري تي مبني شاعري جي ڪتاب " سنڌ ۽ سچ جي ساڃاهه " کي سنڌ ۽ پوري دنيا ۾ ملندڙمڃتا کي ڏسندي، ساڻس گڏ ڪيترن سنڌي شاعرن جي دل ۾ ٻاونجاهه اکري لکڻ جو اتساهه پيدا ٿيو آهي. ڪيترن سنڌي شاعرن ٻاونجاهه اکريون لکڻ به شروع ڪيون آهن. ٽنڊومحمدخان جو پلوڙ شاعر عاشق ڳاهو به اهڙي ڪوشش ڪري پيو. هو سنڌي ٻولي جي ٻاونجاهه اکري ۾ ٽيڙو لکي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ پيش به ڪري چڪو آهي. پر سندس اڃان اهڙو ڪتاب سنڌي ادب جي واڌاري جو سبب ناهي بڻيو. پر سومار سنگم پنهنجي غربت سبب پنهنجي وات جو گرهه قربان ڪندي، سنڌي ٻولي جي ٻاونجاهه اکري " سنڌوءَ حرفيءَ " جو ڪتاب

ميدان ۾ آٽي ، مون ڪان پوءِ ٻئي سنڌي ٻولي جي ٻاونجاهه اکري لکندڙ شاعر جو نيٺ اعزاز ماڻي ورتو. آهي ڪيترن ئي ٻاونجاهه اکري تي طبع آزمائي ڪندڙ سندس هم عصر شاعرن کي پنهنجي غربت ۽ بي سمري هئڻ جي باوجود بہ ملهہ ماري ويو آهي.

سومار سنگم جي شاعري پڙهڻ سان درد جون سُوڻُون اُڀرن ٿيون . هن جي شاعري جي فني خوبين جي نفاست ۽ علم عروض جي قاعدن کي پاسيرو رکندي ، اچو تہ ٿورو شاعرانہ جائزو وٺون ، تہ درد جي هن شاعر جي شاعري ۾ اها کهڙي خوبي آهي . جنهن سان سندس هي رنڊا روڙ صرافن وٽ اگهامجڻ جو سبب بڻبي.

سومار ڪا وڏي هام بہ نہ ٿو هڻي ، هو پنهنجي دلي ڪيفيت کهڙي نہ نماڻائي واري انداز ۾ بيان ڪري ٿو تہ:

جيون ڪٽا ويئو لکان
پنهنجي خطا ويئو لکان
رت سان پري قلم اک مان
لڙڪن عطا ويئو لکان.

يا وري پنهنجي مشاهدن تجربن ۽ جوڀن جي بيوفائي کي کهڙي نہ منفرد انداز ۾ بيان ڪيو اٿس. جوڀن جي جاڙتي ڪافي شاعرن لکيو آهي. پر هن نواڻ جو مظاهرو ڪندي ، گذاريل گهڙين ۽ وارن جي رنگ بدلجي ڪارن مان اڇو ٿيڻ واري ڳالهہ کي پنهنجي منفرد نموني سان نئين نڪور تشبيهہ ڏيندي، کهڙو نہ دل کي وڻندڙ سلوڻو انداز اختيار ڪيو آهي. هو چئي ٿو تہ

پچندي وڃي پئي زندگي
پچندي وڃي پئي زندگي
وارن جئي رنگن اوٽ ۾
لڪندي وڃي پئي زندگي.

محبت جو پرچارڪ هي فقير انسان محبت کي ئي مذهب سمجهي ٿو. سماج ۾ ڏڦيڙ ۽ هر قسم جو ڦيتاڙو وجهندڙن تي ڦٽڪار ڪندي ، محبت جي انڪاري ماڻهن کي ڪافر سمجهندي چوي ٿو:

ڦٽڪار وجهو ڦيتاڙ تي، جوڙ جو ٽوڙي.
محبت سنڌو منڪر جو، ڪفار جي صورت.

سنڌي ٻاونجاهہ اکري جي استعمال ۾ ايندڙ سمورن اکرن کي بہ اصل آوازن وارن لفظن سان استعمال ڪيو اٿس. خاص ڪري پنجن سنڌي اکرن ڄ، ڙ، ڱ، ڻ، ء، کي رسمي طور غير نهڪندڙ آوازن وارن اوپرن لفظن سان استعمال ڪرڻ بجاءِ. منهنجي ڳوليل اصل آوازن وارن لفظن کي استعمال ڪيو اٿس. جيئن جي اکر سان شروع ٿيندڙ لفظ ڄوڄڻ جي معنيٰ آهي. ونگ، ڊنگ، جيڪو سُوئاڊڳيءَ کي ياڳيا ڏهڻ وقت وجهندا آهن. انهي کي استعمال ڪندي هڪ وائي ۾ چوي ٿو تہ:

ڄوڄڻ ڇن پيرن،
ٻول تہ ٻاڙو سچ،
ڪوڙن لڳي مچ.
دهشت سامهون تون،
سينون تاڻي اچ
ڪوڙن لڳي مچ.

ساڳئي نموني ٻئي اکر ڙي سان شروع ٿيندڙ لفظ ڙاڪون، جنهن جي معنيٰ درياءَ ۾ پاڻي جي لاٿ سبب ڪنارن جي واري ۾ پيل ڏار يا ڦوٽون آهي. انهي لفظ کي هڪ ٻي وائي ۾ استعمال ڪندي چوي ٿو تہ:

ڙاڪُون سنڌوءَ جي ڪپ!
وڻ ڀي سُڪي ڇوڏا!
ٽيا هاڻي!
لڳيون لُڪون آهن،
ٿو هر ڪِپون ٿوڏا!
ٽيا هاڻي!

ساڳئي طرح سنڌي ٻولي جي اکر ڱي سان شروع ٿيندڙ لفظ ڱڱو جنهن جي معنيٰ ڇهڇ ڳاڙهو رنگ آهي، انهي کي استعمال ڪندي هڪ غزل ۾ چوي ٿو تہ:

ڳِڱيون ڪٽي اکيون، چوڻ ڳالهہ وڏي آهي،
هٿ جي اشارن سان. ڪرڻ ڳالهہ وڏي آهي.

وري سنڌي ٻولي جي ٽي اکرسان شروع ٿيندڙ لفظ ٽُٽُو ، جنهن جي معنيٰ آهي ، چٽن ، مٿرن ، چٺونرن يا مانجهلي جو اهو داٽو. جيڪو پاٽي ۾ تمام گهڻو ڪاڙهڻ بعد بہ نہ ڀڳري ۽ سڄو رهجي وڃي ، ان کي ٽُٽُو داٽو چيو ويندو آهي. انهي کي استعمال ڪندي هڪ وائي ۾ چوي ٿو تہ :

ٽــاٽــو ڪري چــومن!
مــونکي چــڏي ساجن!
تون نہ پرين وڃ!
اڪــيون ”سنگم“ تولئي،
را تــون پــيون جــاڳن،
تون نہ پرين وڃ!

سنڌي ٻولي جو اکر ء، جنهن سان شروع ٿيندڙ لفظ ئوٺان يعني تازي چاول ٻار جي روئڻ جو آواز. انهي لفظ کي بہ هڪ غزل ۾ڏاڍي معنيٰ خيز نموني استعمال ڪيو اٿس. جيئن چوي ٿو تہ:

ئُوئَان واري اوٽ چڏي ڏي ،
راٽي دل جي ڪوٽ چڏي ڏي .
نفرت جي پِٽ چو تہ اڏين ٿي،
ڪيول فيرڻ ڪوٽ چڏي ڏي!

اهڙي ريت ٻاونجاهہ اکرن سان شروع ٿيندڙ اصل لفظن کي چونڊي استعمال ڪرڻ جي مشق پوري ڪندي ، هن سنڌي ٻولي جي ادبي تاريخ ۾ ٻاونجاهہ اکري لکندڙ مون کان پوءِ ٻئي شاعر طور پاڻ کي ڳڻايو آهي. جيڪا ڳالهہ ڪيس سنڌي تاريخ ۾ نمايان درجو ڏياريندي، جيڪا ئي هن فقير جي مڃتا لاءِ ڪافي آهي. انهي مان ئي پتو پوي ٿو تہ هن جي هي رنڊا روڙا ڳتي هلي صرافن وٽ اگهامي ويندي.

مشڪور ڦلڪارو

ٽنڊو محمد خان، سنڌ تاريخ: 31 مارچ 2017ع

سنگم سومار نئين ٿهي جو اپرنديڙ شاعر

محمد سومار سنگم سان منهنجي سڃاڻپ ڪا نئين نہ آهي شايد دوست حيران ٿين تہ ٽنڊو محمد خان جي ادبي لڏن ۾ اسان پراڻا گهاٽا واسطيداررهيا آهيون ايستائين جو اعظم پٽي ڪي اڃان مڃين جي ساوڪ مس هئي تہ سنگم سان تعلقات پراڻا ٿي ٽڏا ٿي چڪا هئا پر اها هڪ الڳ ڳالهہ آهي تہ اسان جو اهو واسطو خانداني، هو نہ ڪئين ادبيءَ شرما وانگر آئون بہ جڏهن لئي مان لٿ پيچي ڊاڪٽر ٿيو هوس تہ مون پهرين ڪلينڪ لاڪاٺ ۾ کوليو اها ڳالهہ 1980ع کان ٿورو پوءِ جي آهي.سومار سنگم بہ ديهہ لاڪاٺ جي سم نالي سرڪاري پڏي تي خاندان سان گڏ رهائش پذير هو آئون بہ علاج سانگي سندس ڳوٺ ويندو هوس. سندس والد مون کي عزت ڏيندي ڪچهريون ڪندو هو جيڪي مون کي اڃان ياد آهن. پرسومار ڳوٺ هفتي هفتي ايندو هو شوگر ملن جو اوج هو شايد پاڻ ملازم يا اتي دڪانداري ڪندا هئا ايئن اسان جا تعلقات وڌيا .اهو اهو زمانو آهي جنهن زماني ۾ آئون لطيفي ڊائجيسٽ ۾ لطيف تي تحقيقي مضمون لکندو هوس جن ۾ مون ثابت ڪيو هو تہ غلام شاه گلان ڪيري جو پٽ نہ هو نہ ئي گلان شاه پٽائي وٽ نچندي،هئي .ايئن مون بہ لاڪا ٺ چڏي ٽندو محمد خان ۾ لطيفي دواخاني جو بنياد وڌو.ادبي شوق جي حوالي سان سنڌي ادبي سنگت جا ميمبر ٿياسين .اداره سنڌي ادب ختم ٿي چڪو هو اداره گلشن ادب سڪرات جي حالت ۾ هو سو اهڙي ماحول ۾ پير آغا جان آغا مهران ادب فورم جو بنيا د وڌو مون لطيفي ادبي رهاڻ ،۽ تاج تڪڙائي خود انجمن ادب هو ان جو ذڪر ڪرڻ سج کي چنڊ ڏيکارڻ برابر آهي.ان مجموئي ماحول ۾ خبر پئي تہ سومار سنگم بہ ادبي ڪيتر ۾فعال آهي انهن سڀني فورمن ۾ پاڻ شريڪ ٿيندا هئا واسطا تہ اڳيئي هئا جيڪي وري نئين سري سان استوار ٿيا سومار سنگم سان گڏ انهيءَ ڪاروان کي هلائيندا رهياسين ايستائين

جو سنگم جو هڪ پروگرام لطيفي ادبي رهاڻ جي آفيس ۾ ٿيو جنهن جو جو ڦوٽو سندس پهرين ڪتاب ۾ موجود آهي.پاڻ پهرين مون کي ان ڪتاب تي لکڻ تي چيو هئائون پر لاڳيتو بيمار ۽ ڪراچي جي چڪرن ڪري ڪجهه لکي نه سگهيس هن دفعي واعدو ڪيوم مانس ته جيتوڻيڪ هن وقت بخار آهي پر توهان جي ڪتاب تي ضرور لکندس .ٽندو محمد خان جي اديبن ۾ اها بهترين ڳالهه آهي يا بدترين ته هو تبصري لکڻ مهل ڪتاب تي تبصرو لکندائي نه آهن بلڪ تنقيد جي پر مار هوندي آهي ايئن نه هئڻ ڪپي ليڪ ويچارو گهران خرچ ڪري وري جي ٻه ٻول لکرائي اسين سندس پورهيي کي يڪسر رد ڪر ي پنهنجي ڳالهه ڪريون سراسر غلط آهي منهنجي خيال ۾ منهنجا اهي دوست ڪتاب جي تبصري ۽ تنقيد جي فرق کي شايد سمجهي نه سگهيان آهن ڪتاب ڇپجڻ کان پوءِ ان تي تنقيد ڪرڻ جو رستو کليل هوندو آهي، سومار جو ڪتاب “اجارو جيون” جو سرسري جائزي سان گڏ خوبين خامين جو به جائزو ورتم پاڻ فهرست ۾ سنڌي ٻولي جي ٻاونجاه اکريءَ ۾ ترتيب ڏنل شاعري .حقيقت ۾ جڏهن به غزل يا شاعري الفا بيٽيڪل لکبي آهي ته ان کي ديوان جو عنوان ڏنو ويندو آهي جيڪا شاعري بحر وزن تي هوندي آهي پر سومار هن ۾ وايون به ڏنيون آهن . جيڪي بحر تي ٺي نٺيون سگهن. جئين ته {بحر متقارب وزن فعولن مثمن سالم} وائي

گهڙو ڪچ پياسو سڄڻ پي اُڃارا!
سُکل کوهه اوڙو اسان پيُ اُڃارا!

سفراڻ ڪٿو ٿي پيو هاڻ جيون
ٿڪاسون پيا دل هلي بي سهارا
سُکل کوهه اوڙو اسان پيُ اُڃارا!

اسان جا ڪافي دوست بحروزن جي ڳالهه ڪندا آهن انهن کي جڏهن چئبو ته بابا پلا تنهنجي شاعري وزن تي ته آهي پر بحر ڪهڙو آهي ته بغليون وجائيندا آهن. جيستائين اسان کي بحر جي خبر نه هوندي ته وزن

ڪيئن نهندو ان حساب ،سان سومار جي شاعري ڪي بحر وزن تي پرکڻ ڇير ڦاڙ ڪرڻ جي برابر ٿيندو جي مون ڪي بحر نٿو اچي تہ چوان تہ سومار سنگم جي فلاڻي سٽ وزن تي نہ آهي تہ نا انصافي ٿيندي .انهيءَ ڪري سومار جي شاعري ڪي جيڪڏهن ڪير بحروزن تي پرکي تہ اهو ڇيچڻ کان پوءَ ممڪن آهي سيڪنهن ڪي تنقيد جو حق آهي. سومار جي شاعري جا خيال ذاتي ۽ انوکا يا نقل ٿيل نہ آهن انهيءَ ڪري سندس ڪجہ جملا غلط لکجن ٿا مثلاً.

ٻوڙيءَ سرن اڻيو ،گھونسلو هو. هن جملي جو مقصد ٿئي ٿو تہ ٻوڙي ڪي سرن اڻيو آهي منهنجي خيال ۾ اهو غلط آهي.

واڳو جهلي تارو سير مان ٿو
هرٽي شينهن کان ڪٽ ڇڏايو آ،

هي بند بہ مڪمل نہ آهي اهڙا ڪافي مثال آهن پر جيئن تہ شاعر جا پنهنجا خيال ۽ رمزون آهن خدا ڄاڻي هن ڪهڙي رمز ۾ لکيا آهن. سومار ڪافي نوان لفظ بہ استعمال ڪيا آهن تہ وري ڪٿي ٻيهڪ صحيح نظر نٿي اچي. مجموئي طور تي آئون چوندس تہ سومار سنگم نئين ٿهي جو هڪ بهترين ايرندڙ شاعر آهي پاڻ ٻين شاعرن جي شاعريءَ جو بہ مطالعو ڪن خود پٽائي شاه عنايت جون مڪمل سٽون پنهنجي شاعري ۾ استعمال ڪيون آهن ايئن ارود فارسي يا ٻين ٻولين جون سٽون استعمال ڪرڻ جائز آهن جنهن ڪي شاعري جي زبان ۾ تضمين چوندا آهن .منهنجي خيال ۾ سندس شاعري جي رفتار اها رهي تہ اهو ڏينهن پري ڪون هوندو جو سندس شاعري ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جهونگهاري ويندي.

حڪيم محمد يوسف ڪتري

تاريخ ؛ 12_03_2017

سنگم ساهه جهڙو مٺو ماڻهو

زندگي جيڪا نالو ئي خوبصورتيءَ جو آهي جنهن جو سياءَ استاهه جستجو محبت ۽ عذاب جهڙن مزاج رکندڙ الٽي ميٽم جو زندگيءَ سان حسين تعلقات وڏيڪ حسناڪي برپا ڪري ٿو ۽ جنهن مان اسان کي ويساهه ٿيو وڃي ته ڪجهه گهڙيون پل ئي سهي زندگي ڪانسواءِ ٻيو ڪو به سچ ناهي جنهن جو نعم البدل ڪوئي ناهي هي سچ دنيا جي سمورن نظرين/ مذهبي ۽ غير مذهبي انقلابن ۽ هر جستجو جي اٽڪٽ تاريخ ڪان به وڏو سچ ۽ سونهن آهي ۽ ان زندگيءَ جي سونهن سان پيار ڪرڻ لاءِ سومار سنگم به هڪ ڪردار آهي. ڪردار به اهو جو زندگيءَ جي سونهن جي حاصلات لاءِ انيڪ ڏکين پيچرن مان گذريو هجي شعور ۽ لاشعور جهڙن سنگين حالتن مان گذرندي سنگم منهنجو 1990ع کان بي ساخته واقف ڪار ٿي وڃي ٿو. هڪ پيا.ئيندڙ نوجوان سنگم سادو سودو ٿوري ئي عرصي ۾ مونکي پنهنجو دوست ڪري ڇڏيائين.

سنڌي ادبي سنگت جي شاخ آبادگار شگر ملز ۾ کوليا.ئين. جاکوڙي نوجوان هوندو هو سنگم مون سان گڏ ڪڏهن سکر ته ڪڏهن ڪراچي ، روهڙي الاءِ ڪٿي ڪٿي ٻيو ادبي سنگت جي پروگن من ۾ هلندو هو ۽ هو آهسته آهسته شاعري ڏانهن شعوري متوج ٿيو ۽ آءُ ان وقت نثر جي پهل ڪندو هئس. سومار سنگم ۽ سارنگ اچي گڏيا ته سنگت ضلعو حيدرآباد مڪمل سرگرم ٿي ويو سنگم هڪ غريب مزدور جو پٽ ۽ آءُ هڪ بس ڪنڊيڪٽر جو پٽ ڪاهي پيا سين ادب جي اڻتڪ سفر ۾. مون ڪجهه ڪهاڻيون لکيون ڪتاب ڇپر ايو پوءِ سياسي سفر ڏانهن راغب ٿي ويس پر سومار سنگم نه مڙيو شاعري ڪندي ڪندي ڪتاب روپ سندرتا کان پوءِ اُجارو جيون جيڪو سنڌي ادب ۾ بي سنڌو حرفي تي لکي ذري گهٽ نه پر مڪمل شاعر ٿئي ويو آهي .... سنگم گهر جي بينڪ تي آيو!

حڪم ڪيائين ته! هن ڪتاب تي ڪجهه لکي ڏيءَ مون سنگم جي اکين ۾ ڏٺو ته سندس اکين ۾ لڪل شاعر جي نماڻڪي ۽ سنگم هڪ مولانا جي روپ ۾ سنو لڳي رهيو هو سندس اسرار مون تي نهيو ٿي هو منهنجو ادبي

دوست رهيو آهي!

مسودو ڏيئي هو هليو ويو......... سامهون رکيم ..... پڙهيم

بشارت ملي مون ڏسڻ نور تنهنجو!
خوابن ۾ مون وٺ اڇڻ حُور تنهنجو!
ٿئي شل اسان جو سنگم يار دنيا،
مثالي هجي سو ملڻ حُور تنهنجو!

واهه سنگم تہ شاعر ٿي ويو آهي!

Very Good Sangamسنگم مُنهن مهاندي مان رومينٽڪ نہ لڳندو آهي تہ سندس سٽون تہ رومينٽڪ ماحول جو ڀرپور ڪردار ادا ڪن ٿيون. هي ڏسو پڙهو:

تون چنڊ لِکي، گلڙا هٽڻ!
ڪوئي ڏسي ويري ملڻ!
منهنجو ترِيءَ نالو لکي،
تنهنجو رکي چپڙا چمڻ!
دوستو هيئن بہ چوي ٿو:
ٽاٽي نہ گهاٽي ڀڃون ٽا!
پهريان نہ هاٽي ڀڃون ٽا!
دڙڪا نہ ڏي تون اسان کي،
پٽهين نہ ماٽهين ڀڃون ٽا!

سنگم شاعري جي خوبصورتي کي ڀر پور انداز ۾ Enjoy ڪري ٿو. سکي ٿو، تڙپي، مسڪرائي ۽ عذاب ڀوڳڻ جهڙن بي پناهہ دليرين مان گذري ٿو ۽ وري سماج جي بي جا وهنوار ۾ ٻچن لاءِ مزدوري ڪري پيٽ پالڻ جو آرٽ ۽ اذيت بہ سهي ٿو جڻ تہ باهہ جي آوي ۾ پچي ٿو اهو سنگم منهنجي اک جي دوربين ۾ بي ترتيب شخص ضروري آهي پر هڪ سادو سودو بنا ڪنهن جي تنقيد ۽ واهہ واهہ جي لکڻ جو عهد ڪندڙ شاعر آهي. سنگم ساهہ جهڙو منو ماٺهو شل زندگي سندس لاءِ هميشہ اتساهہ جو سبب رهي. ۽ پاڻ لکندو رهي سنڌ جا گيت.

سارنگ شاهہ

ٽنڊو محمد خان

تاريخ: 17 مارچ 2017ع

زندگيءَ جو سفر

زندگي آسمان جو رنگ، سج جي ڪِني، چنڊ جو وصف، رات جي ڪِتي، درياهہ جو ڪُن، موسم جي آرس، عشق جو جنون، محبوب جي مُرڪ، اکين جو ليئڙو، هوا جي چرڪ ۽ شاعر جو نثر زندگي آهي. زندگي هڪ ڪردار ۽ ڪردار زندگيءَ جو مرڪز آهي ۽ مرڪز هڪ سوال آهي جنهن جو جواب سچاٽپ آهي، سچاٽپ ڪردار جي وڻ مان ڦُٽل گل جيڪو پهرين سونهنءَ خوشبوءَ ڏيڻ کان پوءِ مُرجهائڻ سندس فطري عمل آهي پر سندس نچاور ڪيل مهڪ جي تازگي محسوس ڪندڙ هر ذهن تي مٽاڻ ڇڏي ويندو آهي، جيڪو اهم سوال آهي جنهن ڪري جيون جي مالڪ انسان جي سچاٽپ سندس سياسي ، سماجي ، علمي ، ادبي ، ۽ انساني خدمتون پڻ ياد ڪري ڳٽيون ۽ واڪاٽيون ويندڙيون آهن ان ڪري منهنجي ڪوشش آهي تہ آئون تتل اُس ۾ بيٺل اُجاري پورهيتن جي قطار ۾ بيهي پاڻ ڪي ڳڻايان . جنهن لاءِ شاهہ چواڻي تہ (تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهہ ڪانهي ويل ويهڻ جي) منهنجي خوش نصيبي آهي جو مالڪ مونکي هاريءَ جي گهر ۾ پيدا فرمايو هونءَ بہ محنت ڪندڙ الله تعاليٰ جو دوست آهي . ۽ دوست جون تمام خاميون عيب نظر ئار ڪري سندس ڪنهن هڪ خوبيءَ ۽ وڻندڙ وصف ڪي ڏسي ساڻس پيار ڪبو آهي. جيڪا صفت الله جي آهي جو تمام مخلوق کان وڌ انسان سان پيار ڪندو آهي مون نماڻيءَ سگهڙ جيجل حڪيمان جو هٿ جهلي سنڌ ڌرتيءَ تي هلڻ سکيو سندس اڏ رُني اکين مونکي پنهنجو جيون سنڀالڻ ۽ سنوارڻ جو ڏانءُ ڏسيو جنهنجي شروعات 1972ع ۾ قرآن شريف جي تعليم هُئي جيڪا مون بُزرگ سائين سليمان جتوئي مدرسو ڳوٺ حاجي محمد ارباب سمون لاڪاڻ ۾ حاصل ڪئي. سائين سليمان نهايت ئي شفيق فارسي، عربي ۽ علم عروض جو ڄاڻو احمد ملاح ۽ لطيف جو پارکو ۽ پاڻ مولودي هئڻ ڪري سيڻيءَ سُرن جو ڄاڻو گهڻ رکو ۽ ساڃاهہ وند، مخلص شخص آهي جنهنجي گارِحره جهڙي پُر سڪون ڇانءَ ۾ مون

اک ڪولينڊي ئي زماني جي مڙنيءَ حقيقت کي پنهنجي نظر جي شناسائيءَ سان پرکي ورتوهو مولوي ۽ مولودي ٿيڻ منهنجي وس ۾ نہ هو باقي شاعر ٿي سگهيو آهيان جيڪا خوشي ۽ سائين جي دُعا هئي تہ عمر ۽ پئسي سان وڏو ٿيڻ الله جي وس ۾ آهي باقي تون نالي جو وڏو ضرور ٿينديں يقينن سندن دعا قبوليت ماڻي جو منهنجي اڄ شاعر "سنگم" سان سنڌي ادب ۾ سڃاڻپ ٿي آهي. مون وقت جا ايندڙ زلزلہ ۽ طوفان لتاڙيندي پنهنجي اکين جي ٻُڪن ۾ اميدن جو ڏيئڙو قلم جي چِٽنگ ڏيندڙ نوڪ سان ٻارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي . جسم جي گُمبس ۾ بند دل جي حسرتن کي ساڀيا ڏيڻ لاءِ اکين جي هڪ جهلڪ ۾ نواڻوي رنگ ڏسڻ سان گڏ پيار جو رنگ ضرور ڏٺو آهي جنهن کي ڳولڻ لاءِ اڃان بہ جتن ڪري رهيو آهيان جنهن جا ڪجھ شُعاءُ وفادار جيون ساٿي نور بانو مگڻهار جي صورت ۾ مليا آهن جيڪا مون سان زندگيءَ ۾ هم سفر رهي منهنجو هر مشڪل وقت ۾ ساٿ ڏيندي محنت ڪش ۽ فرمان بردار اولاد سان منهنجو گهر روشن ڪيو آهي. مون پنهنجن ۽ پراون جي عزت ڪندي ساڻن پلايون ۽ مٺن محبتن جا ڇل ورڪا ڪياهن پر سندن نان خوشگوار ورتاءُ ۽ بيجا نفرتون برداشت ڪري پنهنجي ماڻهپي واري فرض شناسائي پوري ڪندي زندگيءَ جو سفر جيڪو دوست ۽ احباب هوندي بہ اڪيلو محسوس ڪيو آهي. يقينن زندگي هڪ سوال جو فطري جواب آهي ڇو تہ انسان دنيا ۾ ايندو تہ خوشيون ۽ محبتون ڪٽي آهي پر ويندو صرف نفرتون ۽ ارمان ڪٽي آهي. مون زندگيءَ ۾ جيڪو حاصل ڪيو سو ٻن ڪتابن هڪ "روپ سُندرتا" ۽ ٻيو "اُجارو جيون" جي صورت ۾ ۽ جيڪو ڪجھ وڃايو سو الله تعاليٰ جا حڪم، نبي ڪريم ﷺ جون سنتون ، قرآن ۽ حديث تي پورو عمل نہ ڪرڻ ۽ ٻيو جيجل ماءُ جون ڪومل مرڪون، ننڍايل اکين جا پيار ۽ ٿڪل هٿن جا ڇهاءُ جيڪي زندگي ۾ ڪڏهن بہ حاصل نہ ٿيندا نہ وري وِسرندا ۽ پائرن جو بيجا رسامون مون کي دل ڳلافن ۾ لڳل مڇيءَ جي سر ڪنڊي جيان چُڀهندو اڏرُنون ڪندو رهندو آهي. منهنجو پهريون ڪتاب " رُوپ سُندرتا " جنهن لاءِ مون 24 سال ادب جي رِڻ ۾ سفر ڪندي ڪارون وس ڪرڻ کان پوءِ جنوري 2016ع ۾ ڇپجي سگهيو آهي. جنهن ۾ ڪجھ فني اُوڻاين سان گڏ بحر وزن پُروف جون غلطيون

هيون ان جي باوجود تمام پڙهندڙن " رُوپ سُندرتاءَ " کي پسند ڪندي عاجز گل لغاري، مدد علي ساحل، ميان مير خان چانڊيو عبدالعزيز پيٺ، حاجي حنيف چنه، سوز ملاح ۽ کوڙ پيارن تجويزون ڏيندي حوصلا افرائيءَ ڪئي ، جنهن سهڪار تحت آئون ٻيو ڪتاب" اُجارو جيون " جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي ٻاونجاهه اکري ۾ سنڌوءَ حرفيءَ تي جيڪو مختلف {بحرن جي وزن تي جن ۾ بحر حزج مثمن سالم جنهنجو وزن مُفَاعيلن 3 دفعا مثمن سالس {بحر رمل مثمن مقصوري وزن فاعلاتن } {بحر متقارب مثمن وزن فعولن } سالم ۽ غير سالم جي وزن تي شاعريءَ جو ڪتاب لکيو آهي. جنهن کي سنڌي ادب ۾ ٻي سنڌوءَ حرفيءَ چئبو. جنهن ۾ غزل سان گڏ وائي جيڪا چند تي لکبي آهي ، پر مون وايون بہ وزن تي لکيون آهن . ڇو تہ الفابيٽيڪل شاعري لکبي ئي بحر وزن تي آهي . عربي ۽ فارسيءَ ۾ ٿيهہ اکريون بہ وزن تي لکيون ويون آهن . اسان کي سنڌي شاعري علمِ عروض تي لکي سنڌي ادب جي حسناڪي کي بحال رکڻ گهرجي . اسان اجارو جيون ۾ چند بحرن جي وزن تي موتي نہ پر رندا روڙ گل نہ پر ڪنڊا ميڙ ڪرڻ جي اهڙي ڪوشش ضرور ڪئي آهي . جنهن جي ڪمپوزنگ سهُٽي شاعر نثار ناز ۽ پون لعل ڪئي آهي . جن ڪافي غلطيون دُرست ڪري سُڌارا آندا. جهانزيب علي ڪمپوزنگ جي سيٽنگ ڪري سنڌوءَ حرفيءَ کي سهڻي ڊزائين ۽ ڪتاب کي خوبصورت ٽائيٽل ڏئي مڪمل ڪيو. جيڪو سندن هنر ۽ سچائي آهي. منهنجو ٽيو ڪتاب "دل جي ڪربلا "نثري نظم جو ڪمپوزنگ تي آهي ،جيڪو انشا الله تعاليٰ سال 2018ع ۾ اوهان جي زيرِ نظر هوندو.

آئون سنڌ جي ڏاهي اديب ۽ صوفي شاعر مشڪور ڦلڪاري کان متاثر آهيان جنهن سنڌي ٻولي جي ٻاونجاهه اکريءَ تي ڪتاب " سنڌ ۽ سچ جي ساجاهه " سنڌوءَ حرفيءَ تي پهريون ڪلام لکيو آهي انهي ۾ 520 بيت 62 ڪافيون 25 وايون ، 11 پڄن، 7 گيت، 6 نظم، 2 دُعائون، 2 ترانا، هڪ لولي، هڪ غزل ۽ 6 چئوسٽا ترتيب ڏنل آهن جنهن لاءِ بقول شاعر مرحوم فتح محمد سمون لاڪاٽ واري جي تہ 1980ع ۾ اسان بزمِ ادب طالب المولىٰ جي ڪافي شاعرن ڪوشش ڪئي، پر سنڌو حرفي نہ لکي سگهياسين جنهن لاءِ طالب المولىٰ فرمايو تہ اهو سنڌ جو عظيم شاعر هوندو جيڪو سنڌوءَ حرفي لکندو.

يقينن اها دعا 36 سالن کان پوءِ 2016ع ۾ قبول ٿي آهي جيڪا ميتا "مشڪور" ماٽي چڪو آهي اسان ساڻس رِيس ڪندي غزل، وائي، ۽ چئو سٽا سنڌوءَ حرفيءَ تي لکيا آهن اُميد آهي تہ اسان جي اِنڪساري قبول پوندي. آئون مشڪور جو نهايت ئي مشڪور آهيان جن منهنجي مختصر شاعري تي سنڌوءُ حرفيءَ جي مسودي کي دل سان قبول ڪري پاڻ. تفصيلي مهاڳ لکڻ سان گڏ منهنجي شاعريءَ ۾ لفظن جي ڪافي کوٽ کي پورو ڪندي درست ڪيو جيڪا سندن مخلصي آهي ۽ مونکي فخر آهي تہ مشڪور جهڙي رهبر منهنجي مالڪي ڪئي سائين جا وڏا ورڻ.

حڪيم يوسف کتري ءَ سان منهنجو واسطو سال 1980ع کان پوءِ ٿيو جيڪو ٿر اُجاري مورجيان پر هٽندو لطيفي ادبي رهاڻ ۽ ڏات ڊائجيسٽ کان اُڏام ڪندو منهنجي ڪتاب اُجارو جيون تائين پهتو آهي. سائين جي تبعت نا ساز هئڻ جي باوجود منهنجي ڪتاب تي رايو لکيو اٿن. سندن واعدي وفا کي سلام منهنجي الله تعاليٰ کان دعا آهي تہ شال. حڪيم يوسف کتري امداد حسني ، تاج ٽکڙائي ، مشڪور ڦلڪارو، اياز پا ٽولي، فدا حسين سرهيو، حاتم مگسي ، غلام نبي ڪيريو، کيمچند شرما، عزيز ٽالپر، قيمت سنڌي ۽ مخمور مهيري زندگيءَ جون بهارون ڏسندا رهن چو تہ اسان لاءِ سنڌ ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي قوم جو هر فرد اعظيم آهي تئين هيءَ اسان لاءِ اعظيم آهن. سارنگ شاهہ سان منهنجي سال 1990ع ۾ سنگت آبادگار ڪولڻ کان پوءِ سنگت ٽنڊو محمد خان پاران ٻيجل سنڌيءَ سان ملهايل شام دوران شناسائي ٿيڻ سان سٺي دوستي ٿي جا اڄ بہ قائم آهي. پاڻ منهنجي ٻئي ڪتاب اُجارو جيون تي رايو لکي دوستيءَ جو فرض نڀايو اٿن سندن وڏا قُرب.. ۽ اعظم يتيءَ تعارف لکي منهنجي زندگي جي حقيقت کي چٽيو آهي. اعظم جي مهرباني.

سومار "سنگم" مگڻهار

باني السنگم ادبي سٿ

ٽنڊو محمد خان

الف

غزل

اُجارو اُسَ تَتل جيون، ڪندن جو گهر وٺان جوڙي،
هٿن تي لُڙڪ ڪريا تن، چندن جو گهر وَٺان جوڙي!

لِڪائي ٿو ڪڪر سج کي، خِلا جيڪر وَڃِي مونکان،
جهلي تارا ڪَٽِي چوڏس، چندن جو گهر وٺان جوڙي!

اُڀائي تر سمنڊ سارو، اچان هيرن ڀري ڪِشتو،
ڪٽي سونا سِڪا چانڊِي، ڳنڍن جو گهر وٺان جوڙي!

سڏي ڀينون يتيمن کي، اچان ايتال سڀ ڳولي،
گڏي گونگا انڌا ڪاٺا، منڊن جو گهر وٺان جوڙي!

ڪري ورڪا پيارن گل، تڙي نفرت ڪڍان سنڌ مان،
چڏي وڏ ماڻهپائي بس، ننڍن جو گهر وٺان جوڙي!

ولي سارا وٺي سڪندر، مٽان ڏرتيءَ ڪري جرڳو،
سڄو عالم شهر ميڙي، ٽنڊن جو گهر وٺان جوڙي!

هُجي دربار جِي ڪُرسِيءَ، عمر وينل ”سنگم“ جيڪر،
ملڻ انصاف جي لئہ اچ، گِهنڊَن جو گهر وٺان جوڙي!

2

غزل

اَللهَ سُـجاڻي تـو سِـتم گـار جِـي صُـورت ،
شل رب نـہ پسائي، ڪني ڪِردارَ جِي صُورت !

ٻُڇـڙاڻ سندي بـدبُوءَ، اڇي جـنهن جي بـدن مـان،
سـا ڏُور هُجـي ڏائـڻ ، مُـنهن ڪـارَ جِـي صُـورت!

شـيطان ڪنـان بـدتر، دهـرين هجـي مـاڻهو،
سوچوڪ چنبڙي، جهڙو ، ڪـوڙڪار جِي صُورت،

ڦِـت ڪـار وجهـو ڦيتـاڙ تـي ، جـوڙ جـو تـوڙي،
محبـتن سـندو مُنڪـر، جـو ڪُفـار جِي صُـورت

ڏاتــار وســاري ڇــو طلــب گــار تــون ويئــين،
دربـانَ گهُــرن توڪــان ، ديــدارَ جِــي صُــورت !

ســردار نَبِـي سُـهڻي ، سـندي دل ۾ آهـي سِـڪَ،
ڏيڪـار سـگهو مـونکي ، سـندم يـارَ جِـي صُـورت !

سُـومار "سـنگم" معـافي ملـي شـال جـي مـولا،
هــر بــار گهُــري درَ تــي مگڻهــارَ جِــي صُــورت !

﴿3﴾

غزل

اول واڪاڻ الله جِـي، گهڻِي تبليغ ڪريو سڀ،
جماعت جا سَچِي حق تـي، ڪٺِي تبليغ ڪريو سڀ!

ڇڏي ڪم ڪار دُنيا جا ، وڃو رب جي رضا خاطر،
چِلو ڪي چار ماهن گڏ، هٿِي تبليغ ڪريو سڀ !

ڏٺِيءَ جي وس ڏيڻ سڀ ڪجهه ، رکڻ سو پروسو گُهرجي،
هُجڻ ايمان جو ڪامل، وِڙِي تبليغ ڪريو سڀ !

وڃي گهر گهر پلائي ڪر، سڏي ماڻهو دڻي جي در،
جُهڪن مومن اچي رب کي ، ٻڌِي تبليغ ڪريو سڀ!

جسم پوشاڪ رک دل ، پاڪ بضتن ڪان صفا دوئي،
بُخل ڪيني ڪنان سارا، ڇڏي تبليغ ڪريو سڀ!

سِڪِي ڪلمون غسل فرضن، نمازن جا ٿيو عادِي،
نَبِيءَ وارو عمل سارو، سُڻِي تبليغ ڪريو سڀ !

ڏِنُو خُطبو نَبِيءَ آخر، ٿيو جي دين آ مُڪمل،
صحابہ سڀ ” سنگم “ پڪڙِي، ڏَڻِي تبليغ ڪريو سڀ!

4

وائي

آتـــم ڪٿـــا پنهنجـــي ڪـــوي!
ويتـــــو لڪـــــي!

ڪاغـــذ چٽـــي ڪـــارا اکـــر،
جيـــون خطـــا پنهنجـــي ڪـــوي،
ويتـــــو لڪـــــي!

زنـــدگي ٻڌـــي تحريـــر جـــا،
ســـا اِرتقـــا پنهنجـــي ڪـــوي،
ويتـــــو لڪـــــي!

پـــوڳي نفـــرتن قيـــد هـــو،
جـــزبن ســـزا پنهنجـــي ڪـــوي،
ويتـــــو لڪـــــي!

ســـهٽي ســـجڻ ڪـــي اڄ ”ســـنگم“،
هـــا اِلتجـــا پنهنجـــي ڪـــوي،
ويتـــــو لڪـــــي!

﴿ب﴾

غزل

بِشارت ملي مون ڏسڻ، نور تنهنجو،
خوابن ۾ مون وٺ اچڻ، حُور تنهنجو.

هٿن تي لهي رات آيو هلي چنڊ،
جبل تي هيو جڻ لهڻ، طُور تنهنجو.

سياڳي رهي ٿي اڃان، ويل هرڪا،
اچڻ ياد تنهنجي رهڻ، پُور تنهنجو.

اسان تو سوائي، نہ ٿين ڪو تہ سوچ،
اسان لئي ٻيو ڇو ٿيڻ؟ ڏُور تنهنجو.

اکڙين منجهان مون، ڪڍي ننڊ تڙي اڄ،
رکي پير تارن هلڻ، پُور تنهنجو.

زبان تي رڳو بس، ڪري وِرد وينس،
اِئم روز تازو ڪرڻ، گور تنهنجو.

ٿئي شل اسان جو ”سنگم“ يار دنيا،
مِثالي هجي سو ملڻ، حُور تنهنجو.

﴿2﴾

غزل

بــــارش ڳـڪــــائون گهر، ڪيرايــــو آ،
هـــــارِيءَ ٻچِـــــي ٻچـــڙن، بڇـــايو آ!

ٻڪــرِي ڪُتــو هيڻــــان، اڇــي ڪـــاٽن،
ڇُپِڇِــــي ســـاهه ڪڪـــڙن، وڇـــايو آ !

ڪـــاتر، ڪُتـــو غليـــل، ســـهن مـــارِي،
ڳَـسَ تــي شــڪاري پــي گهــٽ، لڳـايو آ!

واڳــو جهلــي تـــارُو، ســيرَ مـــان تـــو،
هرڻِـــيءَ شــينهن کـــان ڪِـــٽ، ڇـڏايو آ !

جنگ جـو نـه ڪـو مون کـان، عقل جـانور،
ڏاڍو ڳِــــــداڙيءَ پُـــــــٽ، پـــــــڏايو آ.

ٻـــوڙيءَ ســـرن اُٽيـــو، گونســـلو هــــو،
جهولـــــو هــــوا جنهنجـــو، لُـــڏايو آ.

ڪانگـل تـڙي ڪوئـل، ”سنگمر“ وڻ تـان،
گهـــر ڇـــو؟ ڪنـدبن جـو تــو، ڦٻـايو آ!

﴿3﴾

وائي

بهـــــار گُذرنــــدِي رهـــــي،
گُــلَ ڇٽنـــدا رهيـــا!

آڙهنـــگ تَتـــو جـــي هُيـــو،
خـــزان اُســـرندِي رهـــــي،
گُــلَ ڇٽنـــدا رهيـــا!

رُڃ اُڏريـــــــون رکـــــــون،
هـــوا پســـرندِي رهـــــي،
گُــلَ ڇٽنـــدا رهيـــا!

رات ڳُگهيلِـــــيءَ منجهـــــان،
چانـــدنِي اُپرنـــدِي رهـــــي،
گُــلَ ڇٽنـــدا رهيـــا!

تــون نـــ آئـين جـــي ”ســنگم“
ڏات رُوئنـــــــدِي رهــــــــي،
گُــلَ ڇٽنـــدا رهيـــا!

﴿ ٻ ﴾

غزل

ٻـــاري رک ڏيئـــو رات ڪـــارِي تـــون!
واچـــوڙن ورَ ڪـــان ، ڏات ســـارِي تـــون !

لـــوڏي پَـــنَ چـــاٽي ، جـــي هـــوا تِـــي گُلـــڙا،
ميـــڙي رک ســـا گُـــلَ، ڏات ڪـــارِي تـــون !

لهـــرن وچ ڪيتـــر، تـــي ڪـــلا سُـــڏڪي،
چيـــڙي ســـان چـــولِي ، لات هـــارِي تـــون !

نـــوڻن جـــي آهـــي رانـــد ســـاري هِـــت،
تنهـــنجن جـــذبن کـــي مـــات، مـــاري تـــون!

هـــٿ جـــي مُـــٺ مـــان جيڪـــا، وَجـــي سِـــرڪِي،
دريـــا جـــي چمڪـــڻ ، ڏات وارِي تـــون!

تـــوکي رســـمن جـــي ، چُـــپ لڳـــي جاهـــاٽي،
تنهنجـــو بنـــد چـــو؟ آ وات آري تـــون!

سُـــورن ســـان جُڙيـــو ”ســـنگم“ آ تُنهنجـــو
نفـــرت چـــو؟ ٻـــاڙِي، ڏات نـــارِي تـــون !

2

وائي

بيـــــڙو پُڄـــائي تَـــــڙِ!
پـــتڻ وٽ پــوءِ!

ســــــوگهو سُــــڪاڻو جهــــــل،
واري ٻَـــــــــــــــــڌِي ور وڙ.
پـــتڻ وٽ پــوءِ!

سِــــيرن وچـــان ســــاري،
ڪـــر تـــون ڪنــاري ڪــڙ.
پـــتڻ وٽ پــوءِ!

پـــاٽيءَ مَڇيـــون مـــانگر،
ڪـــائي ويـــن ڇـــو هـــڙ؟
پـــتڻ وٽ پــوءِ!

منـــزل ”ســـنگم“ ســـوڪِي،
تڪـــڙو هلـــي جـــو يَـــڙ.
پـــتڻ وٽ پــوءِ!

پ

غزل

پيلاڙ ٿِي زندگي، فصل چيٽَ وانگي!
ڙاڪون ڪري دريا، سُڪل پيٽَ وانگي!

قسمت اسان جي ٿِي آ، موبائل لوڪل،
بيڪار سا هاڻي، ڦِٽل سيٽَ وانگي!

وڪجي جسم سستو، پيو ضمير ماڻهوءَ،
بازارَ جِي حسينا، ٻڏل ريٽَ وانگي!

سنگدل اسان کي ٿو، چوي يار ڄاڻِي،
سوئي چوڻ مھٽو، لڳل نيٽَ وانگي!

مجتا ملي سُھٽي، سڏي ھاڻ توکي،
آھي سنڌوءُ سان اڄ، ڏنل پيٽَ وانگي!

دوئي ڪيو دل مان، نفرتون وري سڀ،
وارن پيل چيڙھ، پِڳل ميٽَ وانگي!

دل جو ”سنگم“ خالِي، پيو مدار آھي،
دلبر اچان تولئہ سِپل پيٽَ وانگي!

2

غزل

پيگوان کو راضِي ڪري، رحمان کو راضِي!
جاڙِي ڪري وينس رُڳو شيطان ڇو؟ راضِي!

دولت وڏِي نارِي مزا، دُنيا سندا مونکي،
مُرکون کسي کنهنجون کيم، گردان کو راضِي!

تکبر پڇِي مٽکو کجي، جيجل جُهڪِي سجدو،
هڪ رات جي تکليفَ جو، ارمان کو راضي!

هر سال جان موتي، اڇي ٿوماهہ جي مقدس
روزا رکي رب جا کجي ، رمضان کو راضِي!

واکاڻ ٿي عالم سخي، ڏاتارَ جِي صورت،
درَ تي بُکايل جي کجي، مهمان کو راضِي!

جيون سندي ساٿيءَ، ڏيو لازم هجن جي حق؟
خالق سندي کِلوت، رکو فرمان کو راضي!

پينار تِي پرچائي "سنگم" مخلوق مالکَ جِي،
پوءِ ماٿهپو ماڻج، ڪري انسان کو راضِي!

3

وائي

پيارِي سنڌ پٽائيءَ جي هلي ڏسجي!
سُهڻي سنڌ پلي ڏسجي!

پتڻ سارا رهن مڏيون هتي مانجهي،
مُهاڻن هت پلا جهليل چلي ڏسجي،
سُهڻي سنڌ پلي ڏسجي!

سُريلو لاڙ جو لهجو مٺي ٻولي،
لڳائي دل ملن دل سان ملي ڏسجي،
سُهڻي سنڌ پلي ڏسجي!

اجان اوطاقن ۾ خاطر ٿئي ساڃي،
وِڇايل اُت ڪنبل اجرڪ رلي ڏسجي،
سُهڻي سنڌ پلي ڏسجي!

بُخاري پير جيلاني ”سنگم“ بُزرگ،
سوا لک سنڌ سخي قلندر ولي ڏسجي،
سُهڻي سنڌ پلي ڏسجي!

﴿ت﴾

غزل

تـــون چـــڏ لِڪـــي ، گُلـــڙا هـــٽڻ
ڪـــوئي ڏســـي، ويـــري ملـــڻ !

مُنهنجـــو تـــرِيءَ ، نـــالو لِڪـــي،
تُنهنجـــو رڪـــي، چپـــڙا چُـــمڻ!

چنـــڊ ٿِـــي لڳـــي، پيـــرن تَـــرِي،
گـــوڏي رڪـــي ، چيـــرون ٻَـــڌڻ !

جـــوڙي ســـلامت، شـــل رهـــي،
پنهنجـــو پـــرين، زنـــدگي رهـــڻ،

دنيـــا ڏسِـــي، ســـاري جلـــي،
پـــارڪ ٿنـــڊو، گـــڏي گهمـــڻ،

دل جـــو تـــلاءُ ، گـــڏجي تـــرون،
ڪُنـــدري ٽُپِـــي، تـــو هـــٿ جهلـــڻ !

ســـوچي ”ســـنگم“، هـــاٺي ســـگهو،
گُهرجـــي رُڳـــو، هـــڪ دل ٿـــيڻ

2

وائي

ٽڪي، تند وڄائي راڳي!
پيرو سُر ٻُڏائي مڱڻا.
ڳائي راڳ راڳي!

توسان پير لڳائي جاڳن ،
رُوح اندر جيڪي رهڻا.
ڳائي راڳ راڳي!

اُڏِري هُو ٽِمڪڻا ٽِمڪن،
جُڳنو هر رات پرڻا.
ڳائي راڳ راڳي!

رب جي هل رضا گڏجِي،
تارِيءَ جنهن تَڳِيءَ تپڻا.
ڳائي راڳ راڳي!

ويندو مڙهه مِٿيءَ هرڪو
هٿين خالي ”سنگم“ سڪڻا.
ڳائي راڳ راڳي!

ٿ

غزل

تـــوهر جوجســـم، ڇِيـــري ڪنـــڊا،
ســاوڪ ٻـج ڳِلـون، ڇِهيـري ڪنـڊا !

جيڪـــي روز ٿـــا، نڪـــرن ورِي،
ڇـو؟ آڪـاشَ جـي، نِيـري ڪنـڊا!

فِرمـــوتِي نهِـــي، پلـــڙي منجهـــان،
تـو هَـــٿَ تـــي وِڏا، هيـــري ڪنـــڊا!

مـــورا ڪـــي مڇـــي، گنـــڊٽي پلـــي،
دريـــا جـــي پلـــي، ڪيـــري ڪنـــڊا،

تـــو جيـــوت ٻچـــا، ورتـــا جهلـــي،
ســـيڙهه ٿـــي هٽـــي، تيـــري ڪنـــڊا،

تُنهنجـــا هِـــنَ لڳـــا، اُب هـــم لفـــظ،
مـــون دل ڪـــي ورِي، سِـــيري ڪنـــڊا!

اڪـــين جـــي ”ســـنگم“ ڇپـــرن لِڪـــي،
تـــو اڪـــين هنيـــا، ڦيـــري ڪنـــڊا !

﴿2﴾

وائي

ٿر جا سُڪا هِن اَڪ!
لڳي جا لُڪ!

واريءَ پٽن سِرڪِي،
آهِن اُڏاڻا ڪک،
لڳي جا لُڪ!

پاڻيءَ اُڃارا ٿر،
جيوت مرن ٿا بُک،
لڳي جا لُڪ!

ڪوراڙيون ماڻهن،
ڪائن ڪري سي ڏُک،
لڳي جا لُڪ!

ڏاهي ”سنگم“ جيجل،
ڏاڍا ڏسي ٿي ڏُک،
لڳي جا لُڪ!

﴿ٽ﴾

غزل

ٽِڪي دل تي رهن يادون، اجهان تائين،
پرين توسان مُلاقاتون، اجهان تائين!

صبر دل کي اچي اڪين، نَہ ڪا ننڊ ٿِي،
پيون جاڳن ٽڪي راتون، اجهان تائين !

اڱڻ وڻ تي هُئا ويٺل، پکي سارا،
ڪيون تن پي ورِي لاتون، اجهان تائين!

چون جِي جِي سداعاشق، ڪِلي سُهڻن،
ٻُڌن تن ٻوڏ ٿا واتون، اجهان تائين !

زبان سان پل تڙي ڏيندا، رهن پنهنجا،
پراون کان ملن ماتون، اجهان تائين !

اسان کان پوءِ پيو روندي، ڏسي جي گس،
وري هيڪل وڃِهي جهاتون، اجهان تائين !

عشق آغوش ٿا پلجن، ”سنگم“ شاعر،
وري پُڇندين اِهو ڇا تون؟ اجهان تائين!

2

وائي

تڪــن تــوپي گُلــن اجــرڪ،
ســـنڌي مـــاڻهو!

ســـچا هيـــرا صـــفا سُـــهڻا،
لڳــن جيڪـــي ســـندا زمـــرڪ،
ســـنڌي مـــاڻهو!

اچـــو قلنـــدر ســـوين پانـــڌي،
ٻُڪــن پـــاڻي پــين تبـــرڪ،
ســـنڌي مـــاڻهو!

مٽـــر مُـــڱ دال جـــا عـــادي،
لُـــر ڄـــاڻيي وجهـــن ادرڪ،
ســـنڌي مـــاڻهو!

سـچاٽپ تــي ”ســنگم“ سـنڌ جــي،
ڏســـو عـــالم ســـڄي مشـــرق،
ســـنڌي مـــاڻهو!

ٿ

غزل

تاهي مِٿيءَ ماٺهوڙِني، انسان جِي صُورت!
مخلوق کي اشرف ڪري، احسان جِي صُورت!

موسيٰ گُهري موڪل، ملائي طُور سينا تي،
ڏيکار سگهو مونکي، ڏِٺيءَ رحمان جِي صُورت!

نُصرت ڳِئي مالڪ، اِڇي مڱڻي سندي دُنيا،
واپس وٺي اُن کي ويو مهمان جِي صُورت!

چيرون ٻَڌي ڪننا، وجهي گيڙوءَ رتا ڪپڙا،
راضي ڪري رب کي پيو ڀڳوان جِي صُورت!

چهرو مٿي رونڪ، وئي دل مير سان پرجي،
سائي لڳي هاٺي، هڙو هُن مان جِي صُورت!

ڏرتيءُ رهي دهريا، انڪار ڇو رب کان؟
رهندي نہ خنزيري، توخان جِي صُورت!

حاجت روان سڀ جو صرف، الله ”سنگم“ آهي
کولي ڏسو آيت رُڪوع، قرآن جِي صُورت !

﴿2﴾

وائي

ٽوٽـــا ڇپـــاڙي، ڍور ٻُڪيــــو!
ٿـــر جيـــارو ڙي!

جـــوڳي مُرليـــون، نانـــگ پويـــان،
ڳـــولي نيـــاڳو نـــور ٻُڪيــــو!
ٿـــر جيـــارو ڙي!

*ڍوليـــر ٻـــولي، ڪلـــر ڪـــاري،
وارِيءَ اُجـــارو، مـــور ٻُڪيــــو!
ٿـــر جيـــارو ڙي!

غريـب ڪسـي ڪـو جيئڻ جـو حق،
بيـوس ڪـري ٿـو شـور ٻُڪيـو!
ٿـــر جيـــارو ڙي!

توڪـان گهُـري ٿـو ”سـنگم“ تـوکي،
هاڪـــار زيـــرِ آ، غـــور ٻُڪيـــو!
ٿـــر جيـــارو ڙي!

* نوٽ ”ڍولير“ هڪ پکيءَ جو قسم آهي.

﴿ث﴾

غزل

ثــوابن كـــان گُنـــاهن جِـــي ، گهڻـــائِي دوســـت،
ڪٿـي جـي لِسـت مـون پنهنجـي، ڳڻـائِي دوسـت!

ڪـرڻ انسـان جـي خـدمت ، رُڪـوع سـجدا هِـتِ،
وجـــي تبليـــغ ڇـــو ٿوتـــون ؟ وڻـــائِي دوســـت !

وڻـي تـو ڪـين تِـي پنهنجِـي، حيـا وارِي لَـڄَ،
ڏسِـــي ڇـــو زال ڏارِي ؟ڪنـــڌ ڏُڻـــائِي دوســـت!

رڪـي نـڪ تـي سـندا ڪـاوڙ هجـي ٿـي سُـهڻي،
ڇئـــي ڇاڇـــا؟ پيـــو هـــو پُـــڻ، پُڻـــائي دوســـت!

ڏئـــي رت ريـــج لـــڙڪن جـــو ٻنـــي پـــوکي ســـا،
لُٽـــي ســـورن پـــري ســـر تـــي ، ڪٽـــائي دوســـت!

ڇـوڙ سـچ تـي ڪـنڌن اُڇلـي، جيـان ٿرجـائي،
زبـــان تـــي ســـا مُهـــرَ تـــازِي، هڻـــائِي دوســـت!

ڪٽـــي ڪـــارِي مَيـــارن گُـــل ، ”ســـنگم“ در آيـــو،
رکِـــي دل جِـــي ڇـــپن مُرلِـــي ، سُـــڻائِي دوســـت!

﴿2﴾

وائي

ثابت قومي ڪريو ڳڻائي!
آدم شُماريءَ ۾!

گهر گهر سربراهه سڀ لِکايو،
پنهنجن ساري ٻارن ڳڻائي،
آدم شُماريءَ ۾!

راڻو راڻي ڪارڊ بنان ڪو،
رهجي ڇو ٿي؟ ڪا سنڌ ڄڻائي،
آدم شُماريءَ ۾!

سنڌ جا رهندڙ سنڌ جا سڏايو
گڏجي اوهان ڄڻ سگهه ٻڻائي،
آدم شُماريءَ ۾!

قومي جاڳرتا موهم "سنگم" اڄ،
لکجي ٻولي سنڌ جي سڻائي،
آدم شُماريءَ ۾!

﴿پ﴾

غزل

پکل پوکون چڏي سرڙا، وڃن جِت ٿا پکي واپس!
ورڻ تن جو وڙي مُشڪل، اچن ڪِٿ ٿا پکي واپس!

ٻُڌڻ جهرڪن سندي ٻولِي، اڳڻ وڻ تان اچي ساڳِي،
پرهہ ڪڻ چن پُڪارون اڄ، ورن وِٿ ٿا پکي واپس!

چُڳي پيرون مِٽِي مَڪَ تي، ڪرڻ چِرچِر وٽي وَهِيَن،
ڏيڻ ڦيرا ڪبوترجا ، گهرن گِت ٿا پکي واپس!

رهن راهي رُڳو رڻ جون ، خِلا ڪونجون قطارن سي،
لڳن ڪائڻ *ظُراتن کي ڪِرن رِت ٿا پکي واپس!

ٻڌل پڃري تتر طوطو پڃڻ جا وجهہ پيو ڳولي،
لڳي تاڙي رڳو هٿڙن، پڃن پِت ٿا پکي واپس!

رهي جهيڙو هتي جيءَ سان، ڏسو هر ساهہ تي سختي،
ڪٿي مورن اُهي ڪوڪون، رهن تِت ٿا پکي واپس!

سفر ڏُنوِي ”سنگم“ پورو ٿيڻ تي بس اجهو هاٽي،
محل واپس اچي پونئرن ، ڏِسن چِت ٿا پکي واپس!

---

* نوٽ: ظُرو جيت جو هڪ قسم آهي.

2

وائي

پڙهـــي پيـــو ٻـــار
بيت پٽائيءَ جا!

ســـــر کا چـــوي اکـــر
سِـــمَي تـــي سُـــر تـــار
بيت پٽائيءَ جا!

ٻـــوليءَ پيـــو پنهنجـــيءَ
آڻـــي اُتـــم اُچـــار
بيت پٽائيءَ جا!

وايـــــون ٻُـــــڌائي ور
مـــارن وري وڻ جهـــــار
بيت پٽائيءَ جا!

ســنڌ جــو ”ســنگم“ پُختــو
هرکـــو ٻچـــو هوشـــيار
بيت پٽائيءَ جا!

ج

غزل

جُگنـــو جــاڳـي ، ســـارِي رات!
دل جـــي بتــــڙي، ٻــــاري رات!

هلنـــدي پيــرن ، رڻ تـــون جهـــاڳ،
جـــڻ ويهــــاڻي، ڪـــارِي رات!

پـــاڻي واري، ٻـــارا پـــرڻ،
ٽڪبـــو نـــاهي، هـــارِي رات!

وســـرِي ڏڻ رڍ ، جـــا ڏراڙن،
ٻڪـــري بگهـــڙن ،مـــارِي رات!

چپجـــي ڪـــائي، ڪـــارو نانـــگ،
جـــوڳيءَ پيــــرن، ڪـــاري رات!

چـــورن جِـــي ٽِـــي ، چـــاتِي نيـــٺ،
پـــاڳن ڦُرجـــي، نـــارِي رات!

پنهنجـــو سهـــڻي ٽينـــدو "ســـنگم"،
چنـــڊ جـــي پـــاڳن، واري رات!

2

وائي

جنــــبڙيءَ ڏري ســــاريون،
لا! جــنهن، سُــپَ ۾ تــاريون،
ڪِلنــدي هاريــاڻي!

چــانورَ ننگهـــ ۾ وجهنـــدي،
مُهريـــون مٿـــان واريـــون،
ڪِلنــدي هاريــاڻي!

ســورج مُڪــي گُــلَ پَٽــي،
ڪانيـــا پـــري ڪـــاريون،
ڪِلنــدي هاريــاڻي!

ٽانـــدي ســنگهن ســيڪي،
آيـــون پَٽـــي ٽـــاريون،
ڪِلنــدي هاريــاڻي!

تِــرن ڳُــڙ ڳهــيلا ”ســنگم“،
ٽُڪيــون ٽُڪــي ٽــاريون،
ڪِلنــدي هاريــاڻي!

ڄ

غزل

ڇڏي جيجل غني اهڙو *عبدالستار مُشڪل اچ!
اچڻ دُنيا وِلي واپس، سخي ڏاتار مُشڪل اچ!

لڳل گولِي هُجڻ زخمي، بچائڻ هنجهه ڪٽي ماڻهو،
غُسل لاشن ڪفن ڏولِي، ڪرڻ تِن تار مُشڪل اچ!

غريبن کي سڏي جوڙا، بُکايل کي ڏيڻ ڪاڏو،
وڃِي بيمار جي گهر ڪو، پڇڻ سنسار مُشڪل اچ!

صبر هو سادگِي هُنَ وَٽ، وڳو ڪارو ڪئي سالون،
رَکِي بُکيو پيٽ پنهنجو، ڏيڻ ڏاڪار مُشڪل اچ!

اجان دنيا ۾ ايمبولينس هلي ٿي ايڌيءُ سروس،
پني فقرا ڪيو صدقو ڪري سردار مُشڪل اچ!

ڪري هجرت اچي سنڌ جو سڏايو جنهن سنڌي ماڻهو،
فِڪر هِن قوم کي آهي، ملڻ سوبار مشڪل اچ!

گهڻا سڪندر هُئا حاتم، ويا سارا هٿن خالي،
ڪٽي ڪو سر ”سنگم“ ويندو پڳون دستار مُشڪل اچ!

---

* عبدالستار ايڌي مرحوم جي نالي (8 جُون 2016ع)

2

وائي

ڇـــاڇي اڇـــن ٿـــا ڳهـــر،
ڌُهـــــل تـــــه وڄـــــايو ڊر،
ڏســـي جيجـــل!

ســـــهرا اڱـــــڻ تـــــي اڄ،
ذرذر تــــــه ڳـــــــايو ذر،
ڏســـي جيجـــل!

پـــــائر ڇڱـــــا ڳـــــڏِجي،
پٽڪـــــــي ورايـــــــو ور،
ڏســـي جيجـــل!

ڳـــــاڏِيءَ ســـــجائي ڳُـــــل،
ســـــرگس ڳهمـــــايو تـــــر،
ڏســـي جيجـــل!

لائنـــون ”ســـنگم“ سُـــهڻل،
لهنـــــدو ونـــــيءَ ســـــان ور،
ڏســـي جيجـــل!

جهہ

غزل

جهلِـــي پـــوِکن ونِـــي ورَ جـــا ، وري کِلنـــدي!
پکِـــي ٻـــانهن منجهـــان هـــر هـــر، کـــري هلنـــدي!

رکِـــي جيـــون ڏنـــا ســـاٿِيءَ ، ٻُکـــن ڳلـــڙا،
چـــپن ســـان گـــڏ چُمـــي زُلفـــن، ســـري لُڏنـــدِي!

رهـــي ٻـــن جـــي نـــہ کـــو وچ تـــي رســـم پـــڙدو،
حجـــابن پِـــتِ نـــہ ئِـــي درکـــو! درِي لڳنـــدي!

مجـــي پکِـــوان ڻِـــي نـــارِي، مُـــڙس پنهنجـــو،
چِـــڏي تکبـــر کـــري پوڄـــا، پـــري جُهکنـــدِي!

هلـــي واهـــڙ ڏســـون وســـتي، شـــهر ســـارا،
پـــلاري ســـنڌ سُـــگنڌ ســـهڻي، تـــري گهمنـــدي!

ســـدا قـــائم رهـــي دُنيـــا، هتـــي ســـاڳِي اجـــان،
کنـــدڙ محبـــت هجـــن دل ســـان ذري رکنـــدي!

چٽـــو نـــالو لکـــي هـــٿ تـــي، ”ســـنگم“ منهنجـــو،
لِکـــايو هـــو صـــنم مـــون کـــان، تـــرِي چُمنـــدي!

﴿2﴾

وائي

جهــولـيءَ وڏا ڪلنــدي چــانور،
راڻـــيءَ ڪنـــدي درتـــي ماڻـــا،
چـــانور داڻـــا !

جــوڳيءَ وئــي مُرلـــي وســـري،
دل جـــي پئـــي رِ ســـڪي پاڻـــا،
چـــانور داڻـــا !

مومـل ڪـٽـي هـڪـڙي هـڪـڙي،
مـــوهي ســـوين راجـــا راڻـــا،
چـــانور داڻـــا !

ســـهڻي اچـــي ميهـــر خـــاطر،
دريـــا هتـــي اُڪـــري هاڻـــا،
چـــانور داڻـــا !

پنهنجو ”سنگم“ ڏسندي ماڻهو،
پســـري ڪـئـــي پونـــدا خاڻـــا،
چـــانور داڻـــا !

ڄ

غزل

ڄوڄڻ محبت سندا، ڄو ڄڻون؟
آهن دل سان ٻڌل، ٻنڌ ٻنون!

دلبر ٿو گهر وڃڻ جي ڪري،
مونکي هيڪل ڇڏي، اڏ رُنون!

ايڏو روئي نہ وڄ، تون پرين،
ڪوئي چولو ڏسي، تو ڀڻون!

ڳڻتي ڇو ٿي ڪرين؟ اي چري،
ٿيندا سين تون ونِي، مان ونون!

بد روحن جي نظر، ٿي لڳي،
وارن ڪولي نہ هل، ڇت گهنون!

چنڊ راتون ڇو ڪسي؟ ٿو وٺي،
سورن جو هر ڪڍي، سج ڪنون!

توسان پنهنجو "سنگم" ٿو لکان،
مونکي آڻي قلم، ڏي پنون!

2

وائي

*جوڄڻ ڇن پيرن،
ٻول ته ٻاڙو سچ،
ڪوڙن لڳي مچ!

سارا لنگهه پنجوڙن،
رسيون ٿوڙي رچ،
ڪوڙن لڳي مچ!

دهشت سامهون تون،
سينو تاڻي اچ،
ڪوڙن لڳي مچ!

ڏينگهر سارا گسَ،
پورن ٻارج ڳچ،
ڪوڙن لڳي مچ!

گُهنگهرو ”سنگم“ پائي،
سچ ته بينو نچ،
ڪوڙن لڳي مچ!

---

* جوڄڻ– ڏڳيءَ يا مينهن کي ٽنگن ۾ لڳل رسي جي ونگ کي چئبو آهي.

چ

غزل

چٽا وڪٽي ونِي ٻالڪ، اُتو آيو!
مٿي تي گهر ڪٽي چانور، ڪٿو آيو!

گتا ميڙي ربڙ ٽڪڙا، ڏئي پڙ تي،
بچائي ڪائيون ٻارڻ، ڦٽو آيو!

هنڌا هوٽل ملي ٻانهون، پيون ٽڪجي،
گندو پاٽي ڪڍي گٽرن، ڦِٽو آيو!

اُتر سيءَ سامهون، ايندي ڪُتن ڪي هو،
اڪيلو رات گلين مان، ٽُٽو آيو!

هٽي جهاڙو وڏاٽي گهر، اگڻ پوچو،
ونِي جيجل پُراٽو هُو لٽو آيو!

قدر جي رات پاڙي مان، پِنِي لولا،
ڪُڪڙ ٻوڙون پري ٽيلي، وٽو آيو!

عيدَ چورن ”سنگم“ ڪهڙِي، وڳو ڪهڙو،
ابي جي اوٽ ڪان وانجهيل، ڪُٽو آيو!

﴿2﴾

وائي

چوٽيءَ ٻڌي گُل پٽيون!
ڇوريون وڃن ڪاليج!

سينگار ساراجن ڪي،
وارن ڏئي سپ ڦٽيون،
ڇوريون وڃن ڪاليج!

ٽولا ڪري ڇهه ست،
ٽي چار ٽي پنج ڇٽيون،
ڇوريون وڃن ڪاليج!

ويندي وري ڪي ايندي،
دل کي هيون سي وٽيون،
ڇوريون وڃن ڪاليج!

پوتر ”سنگم“ جزبات،
ڪومل ڪلي پد مٽيون،
ڇوريون وڃن ڪاليج!

چ

غزل

چڏي يادون رڳو تو وٽ، رُسامڻ تي پکي چڻ ڪو،
خِلا برزخ هٽي پرڙا، اُڏامڻ تي پکي اُڻ ڪو!

ڏسي ٿو تڪ ٻڏِي توکي، يڪي ساهي پيو سِڪ مان،
ملڻ مُشڪل وڳر ٿيندو، ٽُٽامڻ تي پکِي رِڻ ڪو!

ٻري جيڪو پيو ڏيئڙو، اوٽ ٽُنهنجِي اجوڪو پل،
هوا بارش لڳن ڪنوٽون ، پُسامڻ تي پکِي پڻ ڪو!

ٿيا چوڙا چُڳڻ پُورا، ڪرڻ چُوچون چمن تي اڄ،
ويا ڳارا ڏيڻ وسرِي، ٺُڪامڻ تي پکي ڪڻ ڪو!

هٿن چوڳو چُٽا يو تو ٻُڪن پاڻي جهلي جنهنکي،
چُنجل ساهير ڪئين وسري، چُڳا مڻ تي پکي چُڻ ڪو!

هڏن پڃري دري ڪولِي، اچي دربان آخر اڄ،
وڃڻ جو وجهه ويو مِلجي، هلامڻ تي پکي هڻ ڪو!

چُڪي پاڻِيءَ گهرڻ جو وس، وٺان جنهن جي ”سنگم“ ويئڙو،
ڇڃڻ تي تند رهي باقِي، وُسامڻ تي پکي وڻ ڪو!

2

وائي

چــوتـــي؟ پئـــي دل بـــي چئـــي،
هـــــاڻي وري!

جهليـــان پيــو جــنهن كـــي پـــرين،
توكـــان ســـگهي جيكـــا رهـــي،
هـــــاڻي وري!

جـــــاتي ڏكـــــاري روز تــــــي،
ســـوچي ســـڄڻ تنهنجـــو ســـهي،
هـــــاڻي وري!

عـــادت ســـندا مجبـــور ســـڀ،
ســـهڻا وڃـــن سُـــڏمان ڏئـــي
هـــــاڻي وري!

اكيـــون ”ســـنگم“ روئـــن پيـــون،
گـــڏ پـــاڻ تـــي ســـڏكي پئـــي،
هـــــاڻي وري!

ح

غزل

حق تي لڳن هر روز ٿا، ڏاڍا نوان،
غيرن گهڙي ورتا، گهاڙا نوان!
